# فيضان ربيع الآخر

28-November-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان ربيع الآخر

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضورِ اڪرم، نورِ مجسم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو:** جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله ڪريم ان تي ڏھ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله ڪريم ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله ڪريم ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو-

(مُعْجَم آوسَط،۲۵۲/۵،حديث:۲۷۳۵)

لبوں پہ میرے دُرُود و سلام رہتا ہے سُرُور رہتا ہے کیف دَوام رہتا ہے

کہ جن کو ذِکر محمد سے کام رہتا ہے بَری ہیں نارِ جہنّم سے وہ خُدا کی قسم !

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! اُذْكُرُوا الله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آهي "فيضانِ رَبيعُ الْآخِر" جنهن ۾ اُمُ المومنين حضرت زينب بنتِ خزيمه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو ذڪرِ خير ٻڌنداسين، حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ايثار تي مشتمل هڪ ايمان اَفروز واقعو ۽ سندن جي سيرت جون ڪجهه جهلڪيون بيان ٿينديون، رَبِيعُ الْآخِر ڪي ڪهڙي نموني گذارڻ گهرجي، بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم هن مهيني جي مناسبت سان ڪهڙين عبادتن جو ذڪر فرمايو آهي اهو به ٻڌنداسين- آخر ۾ اِنْ شَآءَ اللّٰه رَبيعُ الْآخِر ۽ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نسبت سان يارهين جي تعريف ۽ برڪتون به بيان ٿينديون- ان کان علاوه ٻيا به ڪوڙ اَهم نڪتا (Points) اسان ٻڌنداسين- اي ڪاش! اسان کي سچو بيان سٺين سٺين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي- آمِين بِجَاهِ النَّبِي الْاَمِينْ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اُمُّ المؤمنين حضرت زينب بنتِ خزيمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا

اي عاشقانِ رسول! ماه ربيع الآخر اهو عظيم مهينو آهي جنهن جي 14 تاريخ تي اُمُّ الْمؤمنين حضرت زينب بنتِ خزيمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو وصال ٿيو، اچو! انهيءَ مناسبت سان سندن جي پاڪيزه سيرت جون ڪجھ جھلڪيون ملاحظ ڪيو: ❖ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جو نالو زينب آهي. (تہذیب اللغہ، ۲۳۰/۱۳). ❖پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جا والد خزيمه بن حارث آهن. ❖ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا حضرت عبدالله بن جحش جي شهادت ڪانپوءِ حضُورِ اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زوجيت جو شرف ماڻيو ۽ اُمُّ المؤمنين يعني مؤمنن جي ماءُ جي بلند مقام تي فائز ٿيون. (طبقات ابن سعد،۹۱/۸) ❖ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا تمام گھڻيون سخي هيون، ❖ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا يتيمن، مسڪينن سان مهرباني ۽ شفقت سان پيش اچڻ ۽ انهن کي ڪثرت سان کاڌو کارائڻ جي باعث اُمُّ الْمساڪين يعني مسڪينن جي ماءُ جي لقب سان مشهور ٿيون. ❖ سندن جو وصال پياري آقا ڪريم، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زوجيت ۾ اچڻ جي فقط 8 مهينن ڪانپوءِ ئي ربيع الآخر چار هجري تي مديني شريف ۾ ٿيو. ❖ سندن جي عمر مبارڪ ان وقت 30 سال هئي. (زرقانی علی المواهب،۴۱۸/۴) ❖ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہَاجي جنازي نماز سرور ڪائنات، فخرموجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهائي ۽ پنهنجي پياري هٿن سان دفن بہ ڪيو. (طبقات ابن سعد،۹۲/۸) سندن جو مزار مبارڪ جنت البقيع شريف ۾ موجود آهي. (ایضاً، ۹۲/۸)

## رَبيعُ الآخِر جي مهيني کي رَبيعُ الآخِر چوڻ جو سبب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسلامي سال جو چوٿون مهينو رَبيعُ الآخِر آهي ۽ جڏهن اسلامي مهينن جا نالا رکيا ويا تڏهن رَبيعُ الآخِر جو مهينو موسمِ بهار جي آخر ۾ ايندو هو، تنهنڪري ان کي رَبيعُ الْآخِر جو نالو ڏنو ويو- (غیاث اللغات، باب رائے مهمله، ص۲۹۵)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! رَبيعُ الْآخِر کي سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ سان خاص نسبت آهي يقيناً پاڻ اللّٰہ ڪريم جا نيڪ ٻانها، مقبول ترين ولي بلڪ تمام ولين جا سردار آهن، ۽ حضرت سُفيان بن عُيَينه رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِينَ تَنْزِلُ الرَّحْمَةُ يعني نيڪ ماڻهن جي ذڪر جي وقت رَحمت نازل ٿيندي آهي- (حلیۃ الاولیاء،رقم:۱۰۷۵۰،۷/ ۳۳۵) تنهنڪري اڄ اسان بہ رَبيعُ الآخِر سان مناسبت ۾ حضور غوثِ پاڪ جو ذڪرِ خير ڪري الله

پاڪ جون رحمتون لُٽڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا- اچو! پهريان حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف ٻڌون ٿا

## غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف

حضور غَوثُ الاَعظَم شيخ عبدُالقادِر جِيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي وِلادَتِ باسَعادَت پهرين رَمَضان ۴۷۰ھ جُمعَةُ المُبارَڪ جو جِيلان ۾ ٿي- سندن ڪُنيت ابُومحمّد آهي جڏهن تہ مُحِي الدّين، مَحبوبِ سُبحاني، غَوثِ اَعظم، غَوثِ ثَقَلَين وغيره سندن لقب آهن- پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والِدِ مُحتَرم جو نالو حضرت سَيدُنا ابُو صالح مُوسيٰ جَنگي دوست ۽ والِده مُحتَرَمَہ جو نالو اُمُّ الخَير فَاطِمَہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا آهي، پاڻ والِدِ محترم جي طرف کان حَسَني ۽ امڙ سائڻ جي طرفان حُسَينِي سَيد آهن- حضرتِ ابنِ جوزي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا شَيخ عبدُ القادِر جِيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۱۱رَبِيعُ الآخِر ۵۶۱ھ هجري ۾ مَغرب نماز کان پوءِ بَغداد شريف ۾ وِصال فرمايو، وِصال مهل سندن عُمر شريف تَقرِيباً 91 سال هئي، جَنازي نماز شَهزاده غَوثِ اَعظم حضرت سَيدُنا سَيفُ الدّين عبدُالوهاب قادِرِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پڙهائي ۽ بيشمار ماڻهن جَنازي ۾ شِرڪت ڪئي- پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مَزارِ پُرانوار عِرَاق جي مَشهور شهر بَغداد شريف ۾ آهي جتي ڏينهن رات زَائِرِين جو هجُوم رهندو آهي- (الزيل علي طبقات الحنابلة،۳/ ۲۵۱)

| | |
|---|---|
| مرے خواب میں آ بھی جا غوثِ اعظم | پلا جامِ دِیدار یاغوثِ اعظم |
| کچھ ایسی پلا دو شرابِ محبت | نہ اُترے کبھی بھی نشہ غوثِ اعظم |

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۵۵۲)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ اولياء! پهريان حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي اِيثار واري جذبي تي مشتمل هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا:

## زمين مان چونڊي چونڊي ٽڪرا کائڻ

حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: آءُ شهر ۾ جڏهن کائڻ جي

ارادي سان ڪِريل ۽ هيٺ پيل ٽڪرا يا جهنگ جو ڪو گاهه يا ننڍا پن ڪٽڻ چاهيندو هيس ۽ ڏسندو هيس ته ٻيا فقير به ان جي ڳولا ۾ آهن ته پنهنجي اسلامي ڀائرن تي ايثار ڪندي نه ڪٽندو هيس بلڪ ايئن ئي ڇڏي ڏيندو هيس ته جيئن اهي ڪٽي وجن ۽ مان پاڻ بُکارو رهندو هيس جڏهن بُک جي سبب ڪمزوري حد کان وڌي وئي ۽ آءُ قريب المرگ ٿي ويس ته گلن واري بازار مان هڪ کائڻ جي شيءِ جيڪا زمين تي پيل هئي اُها مون کنئي ۽ هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ان کي کائڻ جي لاءِ ويهي رهيس. ايتري ۾ هڪ عجمي نوجوان آيو ان وٽ تازيون مانيون ۽ پُڳل گوشت هيو اهو ويهي کائڻ لڳو. ان کي ڏسي منهنجي کائڻ جي خواهش يڪدم شدت اختيار ڪئي. جڏهن اهو کائڻ جي لاءِ گرهه کڻندو هيو ته بُک جي شدت جي سبب بي اختيار دل چاهيندي هئي ته وات کولي ڇڏيان ته جيئن هُو منهنجي وات ۾ گرهه وجهي ڇڏي. آخر مون پنهنجي نفس کي دڙڪو ڏنو ته ” بي صبري نه ڪر الله ڪريم مون سان گڏ آهي. چاهي ڪجهه به ٿي وڃي پر مان ان نوجوان کان گهري هرگز نه کائيندس.“

اوچتو اهو نوجوان منهنجي طرف متوجهه ٿيو ۽ چوڻ لڳو، ڀاءُ! اچو ۽ اوهان به کائڻ ۾ شريڪ ٿي وڃو، مون انڪار ڪيو. ان اصرار ڪيو، منهنجي نفس مون کي کائڻ جي لاءِ تمام گهڻو اڀاريو، پر مون وري به انڪار ڪيو. پر ان نوجوان جي گهڻي اصرار تي مون ٿورڙو کاڌو کاڌو. ان مون کان پُڇيو، ڪٿان جا رهڻ وارا آهيو؟ مون ورندي ڏني جيلان جو. هُو چوڻ لڳو، مان به جيلان جو ئي آهيان. ڇڳو اهو ٻُڌايو ته توهان مشهور زاهد حضرت سَيِّدُنااَبُو عبدُالله صَومَعِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڏوهٽي عبدالقادر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سڃاڻو ٿا؟ مون چيو، اهو ته مان ئي آهيان، اهو ٻُڌي هو بيقرار ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته مان بغداد اچي رهيو هيس ته اوهان جي والده ماجده رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا اوهان کي ڏيڻ جي لاءِ مون کي سون جون اٺ اشرفيون ڏنيون هيون، مان هتي بغداد اچي اوهان کي ڳوليندو رهيس پر اوهان جو ڪنهن پتو نه ڏنو ايتري تائين جو منهنجي تمام رقم خرچ ٿي وئي، مون کي ٽن ڏينهن جو فاقو آهي، مان جڏهن بُک کان بيحال ٿي ويس ۽ جان کان وڃڻ جو خوف ٿيو، ته مان اوهان جي امانت مان هي مانيون ۽ پُڳل گوشت خريد ڪيو. حُضُور! اوهان به خوشيءَ سان هن کي تناوُل فرمايو ڇو ته هي اوهان جو ئي مال آهي، پهريان اوهان منهنجا مهمان هئا ۽ هاڻي مان اوهان جو مهمان آهيان. بقايا رقم پيش ڪندي چوڻ لڳو، مان معافيءَ جو طلبگار آهيان. اضطراري حالت ۾ مان اوهان جي رقم مان ئي کاڌو خريد ڪيو هيو“.

مان تمام گهٽو خوش ٿيس. مون بچيل ڪاڌو ۽ وڏيڪ ڪجهہ رقم ان کي پيش ڪئي اها هن قبول ڪئي ۽ هليو ويو. (الذيل علي طبقات الحنابلة ۳/۲۵۰)

طلب کا منہ تو کس قابِل ہے یاغوث
مگر تیرا کرم کامل ہے یاغوث

(حدائقِ بخشش ،ص۲۶۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هينئر جيڪا اسان حڪايت ٻڌي، اها حڪايت اميرِ اَهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالَي "سانپ نُما جِنّ" جي صفحي نمبر 11 تان بيان ڪئي وئي آهي- هن رسالي ۾ اميرِ اهلسنت غوثِ پاڪ جي سيرت بابت مزيد ايمان افروز حڪايتون نقل ڪيون آهن، تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طلب فرمايو ۽ ان جو مطالعو فرمايو، دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رسالي کي پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ ۽ پرنٽ آؤٽ بہ ڪري سگهجي ٿو-

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! بيان ڪيل حِڪايت ۾ اسان لاءِ بي شمار نڪتا موجود آهن، ڏسو تہ سهي! هڪ پاسي اسان جا مرشد حضور غوثُ الاعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن جن سخت ضرورت ۽ بُکَ هجڻ جي باوجود غذا ۽ رقم جي معاملي ۾ بيمثال ايثار کان ڪم ورتو جڏهن تہ ٻئي پاسي اسان آهيون جو بکارا رهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر بالفرض يارهين شريف جي نياز جي برياني ئي سامهون اچي تہ حِرص جو اهڙو غلبو طاري ٿي ويندو آهي جو دل چاهيندي آهي تہ پورو ٿال مان ئي ڪائي ونان، ٻوٽي تہ پري جي ڳالهہ آهي پر ڪنهن کي چانورن جو داڻو بہ نہ ملي!! اي عاشقان غوثِ اعظم! اوهان کي جڏهن بين سان ملي کائڻ جو اتفاق ٿئي تہ وڏا وڏا گرهہ بنا چٻاڙي جلد جلد کائڻ ۽ سنيون ٻوٽيون پنهنجي طرف ڪرڻ جو حِرص غالب اچي تہ ان وقت پنهنجي مرشد غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بيان ڪيل حڪايت سان گڏوگڏ هي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ذهن ۾ دُهرايو:

الله پاڪ جي نبي، مڪي مَدَني صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ بخشش نشان آهي: جيڪو شخص اهڙي شيءِ جنهن جي پاڻ کي حاجت هجيس، اها ٻين کي ڏئي ته الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 779) ان کان علاوه فيضانِ سنت جلد پهرين صفحي 468 تي حضرت سيّدُنا ابو سُليمان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جو اهو ارشادِ پاڪ به لکيل آهي: نفس جي ڪنهن خواهش کي ڇڏڻ 12 مهينن جي روزن ۽ رات جي عبادتن کان وڌيڪ دل جي لاءِ فائديمند آهي.“ (إحياءُ العلوم،۱۱۸/۳)

مجھے ایسا شیدا بنا غوثِ اعظم ❊ کہ ہو جاؤں تجھ پر فدا غوثِ اعظم

مرے پیر روشن ضمیر آپ کو تو ❊ مرے حال کا ہے پتا غوثِ اعظم

(وسائل بخشش مرمم ، ص ۵۵۰)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پيرانِ پير روشن ضمير شيخ عبدُالقادِر جيلاني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه اهڙي عظيم ولي آهن جن جي سڄي زندگي الله ڪريم جي عبادت ۽ مخلوقِ خدا جي خدمت ۾ گذري- الله ڪريم سندن کي بيشمار خوبين سان نوازيو هو- اچو! سرڪارِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ جي ذات ۾ موجود خوبين جون ڪجهه جهلڪيون ملاحظه ڪيون ٿا۔

الله ڪريم پيرِ لاثاني، شهبازِ لامڪاني، غوثِ صَمَداني، قطبِ ربّاني، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه کي بهترين اخلاق سان نوازيو هو، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهندا هئا، مخلوقِ خدا جي خير خواهي ڪندا هئا، مهربان، شفيق ۽ مهمان نواز هئا، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه وڏا سخي هئا، سوالي کي خالي هٿ نه موٽائيندا هئا، مسڪينن ۽ غريبن تي بيحد شفقت فرمائيندا هئا، ڪمزورن سان گڏ ويهندا هئا، بيمارن جي عِيادت ڪندا هئا، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي ساٿين مان ڪو بارگاه ۾ حاضر نه ٿيندو هو ته ان جي خبرگِيري ڪندا هئا، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه ساڻ رهڻ واري جي عزت ڪندا هئا ۽ ان سان چڱي نموني پيش ايندا هئا، جڏهن ان کي غم جي حالت ۾ ڏسندا ها ته ان جا غم دور ڪندا هئا، سندن جو هر ساٿي اهو ئي سمجهندو هو ته مان ئي سندن وٽ وڌيڪ عزت وارو آهيان، پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه هر رات دستر خوان وڇائڻ جو حڪم ڏيندا هئا ۽ مهمانن سان گڏ کاڌو کائيندا هئا،

جڏهن ڪيس وٽ ڪو تحفو ايندو هو ته حاضرين ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا، تحفو قبول ڪندا هئا ۽ ان جو بدلو عطا فرمائيندا هئا، پنهنجي نفس جي لاءِ ڪاوڙ نه ڪندا هئا- (بهجة الاسرار، ص ١٩٩ تا٢٠١ملتقطاً)، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خاموشي سندن گفتگو کان گهڻي هوندي هئي- (قلائد الجواهر،ص٦)، سلام ۾ پهل ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪڏهن به اميرن ۽ سردارن جي تعظيم جي لاءِ نه بيهندا هئا ۽ نه ئي وزيرن ۽ بادشاهن جي در تي ويا- (قلائد الجواهر، ص١٩،ملتقطاً)

تِرے دَر سے ہے منگتوں کا گزارا یا شہِ بغداد — یہ سُن کر میں نے بھی دامن پَسارا یا شہِ بغداد

شَہا! خَیرات لینے کو سلاطینِ زمانہ نے — تِرے دَربار میں دامن پَسارا یا شہِ بغداد

(وسائلِ بخشش مُرمّم ، ص۵۴۴)

**اي عاشقانِ رسول!** ٻڌو اوهان! اسان جا غوثِ پاڪ ڪيتري قدر بهترين خوبين وارا هئا- **اي ڪاش!** غوثِ پاڪ جي صدقي اسان جون عادتون (Habbits) به چڱيون ٿي وڃن، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان جا اخلاق به سنا ٿي وڃن، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان به مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان کي به مخلوقِ خدا جي خير خواهي ڪرڻ وارو ذهن عطا ٿي وڃي، اي ڪاش! اسان به مهرباني، شفقت ۽ مهمان نوازي ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي ربّ ڪريم اسان کي به سخاوت ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏي، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان به حاجت مندن جون حاجتون پوريون ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان به مسڪينن ۽ غريبن تي شفقت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان کي به ڪمزورن سان گڏ ويهڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان کي به بيمارن جي عيادت ڪرڻ واري سوچ عطا ٿي وڃي، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان کي به مسجدن ۽ مدني ڪمن مثال طور سُنّتن ڀري اِجتماعات، مَدَني مذاڪرن وغيره ۾ حاضري نه ڏيڻ وارن اسلامي ڀائرن جي خبرگيري جي توفيق ملي وڃي، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان به پنهنجي اسلامي ڀائرن کي عزت ڏيڻ، انهن سان چڱي نموني پيش اچڻ ۽ انهن جي غمن کي دُور ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان به لنگرِ رضويه ۾ پنهنجي پاران خرچ ڪري اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي دعائن مان حصو وٺڻ وارا بڻجي وڃون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي

صدقي اسان بہ پنهنجي ذات جي خاطر اجايو غصو ڪرڻ کان بچڻ وارا بڻجي وجون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان بہ پنهنجي زبان کي فضوليات کان بچائيندي ڏينهن جو اڪثر حصو خاموشي اختيار ڪرڻ وارا بڻجي وجون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان بہ هر مسلمان کي سلام ڪرڻ وارا بڻجي وجون، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان بہ اميرن ۽ مالدارن وٽ پنهنجي ذات جي لاءِ نہ بلڪ صرف پنهنجي پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي جي خاطر فنڊنگ (Funding) ۽ قرباني جي کلن جي لاءِ رابطو ڪرڻ وارا بڻجي وجون-

ہُوں بظاہر بڑا نیک صورت کر بھی دے مجھ کو اب نیک سیرت
ظاہر اچھا ہے باطن بُرا ہے یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

(وسائل بخشش مرمم،ص۱۳۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! رَبِيعُ الْآخِر جو مهينو جاري ۽ ساري آهي-

## رَبيعُ الآخِر "يارهين جو مهينو آهي"

رَبِيعُ الْآخِر کي سرڪارِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان نسبت آهي چوتہ هن مهيني جي يارهين تاريخ تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال ٿيو هو- (مرآة الاسرار(مترجم)،ص۵۷۱- تاريخ مشائخ قادريه، ۱۷۱/۱) ان ڪري عاشقانِ اوليا حضورِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي روح کي ثواب پهچائڻ جي لاءِ نذرو نيازَ ڪندا آهن- انهيءَ مناسبت سان هن مهيني کي "يارهين شريف" جو مهينو بہ چيو ويندو آهي-

## يارهين شريف ڇا آهي؟

بهارِ شريعت جا مُصَنّف حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رَبِيعُ الْآخِر جي يارهين تاريخ بلڪ هر مهيني جي يارهين تي حُضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فاتحہ ڏياري ويندي آهي، اها بہ ايصالِ ثواب جي هڪ صورت آهي بلڪ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جڏهن بہ فاتحہ

ٽيندي آهي چاهي ڪهڙي تاريخ ۾ ٿئي، عوام ان کي يارهين جي فاتحه چوندا آهن- (بهار شريعت، حصه ١۶، ۶۴۴/٣)

حڪيمُ الاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: عام مسلمان رَبيعُ الْآخِر شريف ۾ يارهين شريف، حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا جلسا ڪندا آهن جنهن ۾ حضرت غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا حالات پڙهي سامعين کي ٻڌائيندا آهن ۽ فاتحه کان پوءِ منائي ورهائيندا آهن يا مسلمانن کي ڪاڌو کارائيندا آهن- (اسلامي زندگي،ص٧١)

## يارهين شريف جي برڪت

حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن مهيني ۾ هر مسلمان پنهنجي گهر ۾ حضور غوثِ پاڪ سرڪارِ بغداد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي فاتحه ڪري- سڄي سال تائين گهٽي برڪت رهندي- (اسلامي زندگي،ص١٣٣)

يارهوين شريف ايصالِ ثواب جي هڪ صورت آهي، هن جي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ چاهيو تہ اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي" فاتحہ ۽ ايصالِ ثواب" جو مطالعو ڪيو.

## روزي ۾ برڪت جو نسخو

اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: واپاري پنهنجي روزانو جي وِڪري (Sale) جو هڪ فيصد جڏهن تہ پگهاروارو پنهنجي هر پگهار جي رقم مان گهٽ ۾ گهٽ ہ فيصد ڪڍي ۽ ماهانہ يارهين شريف جي نيازڪري تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه اُن جي روزي ۾ بَرَڪت ٿيندي- (جيڪڏهن گهر ۾ نياز ڪرڻ ۾ رُڪاوٽ هجي تہ ڪنهن بہ نيڪ ڪم ۾ اها رقم خرچ ڪريو) (ماهنامه فيضانِ مدينه، رَبيعُ الْآخِر ١۴۴٠ه،ٽائٽل پيج)

## هر مهيني يارهين شريف ڪريو

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! ٿي سگهي تہ هر مهيني يارهين شريف ڪريو- ضروري ناهي تہ ان جي لاءِ هزارين روپيا ئي خرچ ڪيا وڃن بلڪ جيترو آساني سان ميسر ٿئي، انهيءَ سان الله پاڪ جي هن ولي ڪامل جي نياز ڪريو، حڪيم الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن هر چنڊ جي

يارهين شب يعني ڏهين ۽ يارهين تاريخ جي وچين رات تي مقرر پيسن جي منائي مسلمان جي دڪان تان خريد ڪري پابندي سان يارهين جي فاتحہ ڏيڻ سان رزق ۾ گهٽي ئي بَرَڪت ٿيندي ۽ اِنْ شَآءَاللّٰہ ڪڏهن پريشان حال نہ ٿيندو پر شرط اهو آهي تہ ڪا تاريخ خالي نہ ڇڏي ۽ جيترا پيسا مقرر ڪري ان ۾ ڪمي نہ ٿئي ايترا ئي پيسا مقرر ڪري جيترن جي پابندي ڪري سگهي- مان پاڻ بہ ان جو سختي سان پابند آهيان ۽ الله پاڪ جي فضل سان ان جون خوبيون بي شمار ماڻيان ٿو- (اسلامي زندگي،ص۱۳۳)

ہم کو "گیارہ" کا ہے عدد پیارا، ان کی تاریخِ عرس ہے گیارہ

یوں عدد ہم کو پیارا گیارہ ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائل بخشش مرمم، ص۵۷۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان ۽ عقائد جي درستگي کان پوءِ تمام فرائض ۾ نهايت اهم ۽ اعظم نماز آهي. (بہارِ شريعت ،۴۳۳/۱) قرآن و حديث هن جي اهميت سان مالامال آهن. هڪ روايت جي مطابق قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان نماز جو حساب ورتو ويندو. (ابن ماجہ، ۱۸۳/۲،حديث:۱۴۲۶ ) قرآنِ پاڪ ۾ جڳهہ بہ جڳهہ ان جي تاڪيد آئي آهي. اسان جي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نماز سان بيحد محبت هئي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو ويو: اسلام ۾ الله پاڪ جي نزديڪ سڀ کان وڌيڪ محبوب ڪهڙي شيءِ آهي؟ تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نماز کي پنهنجي وقت ۾ ادا ڪرڻ، جنهن نماز ڇڏي ان جو ڪو دين ناهي، نماز دين جو ٿنڀ آهي. (شعب الايمان، ۳۹/۳، حديث: ۲۸۰۷)

غوثِ اعظم، پيرانِ پير، روشن ضمير حضرت عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ مبارڪ ۾ بہ نماز سان محبت جا واقعا ملن ٿا: پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ زندگي ۾ نماز جو ڪيترو اهتمام ٿيندو هو اچو ڏسون ٿا، جيئن

## عشاء جي وضوءَ سان فجر جي نماز

هڪ بزرگ فرمائن ٿا: مان شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمتِ اقدس ۾ چاليهہ(40) سال رهيس. مون ڏٺو تہ پاڻ هميشہ عشاء جي وضوء سان فجر جي نماز پڙهندا ها. سندن جو معمول هئو تہ جڏهن وضو ٽٽي پوندو هو تہ جلدي مان وضو ڪري وٺندا ها ۽ بہ رڪعتون نماز تحيّة الوضو ادا ڪندا ها ۽ رات

جو عشاء جي نماز پڙهي پنهنجي مخصوص ڪمري ۾ داخل ٿي ويندا ها ۽ صبح جي نماز جي وقت انهيءَ ڪمري مان نڪرندا ها. (قلائد الجواهر،ص۷۶ملخصاً)
سبحٰن الله! حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي نماز سان ڪيتري محبت هئي. اي ڪاش! اسان کي بہ غوثِ پاڪ جي صدقي نمازن جي پابندي نصيب ٿي وڃي ۽ فرائض سان گڏوگڏ نفلَ نماز جا بہ عادي ٿي وڃون.

## روزانو هڪ هزار نفل

ياد رهي! اسان جا غوثِ اعظم روزانو هڪ هزار نفل پڙهندا ها. (تفريح الخاطر، ص۴۵)
اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي"سانپ نما جن" ۾ اها حڪايت نقل ڪن ٿا تہ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان"جامع منصور" ۾ نماز پڙهي رهيو هيس تہ هڪ نانگ اچي پهتو. ان منهنجي سجدي واري جاءِ تي مٿو رکي پنهنجو وات کولي ڇڏيو. مون ان کي هٽائي سجدو ڪيو پر اهو منهنجي گردن سان چنبڙي پيو. پوءِ اهو منهنجي هڪ ٻانهن ۾ گهڙيو ۽ ٻئي مان نڪتو. نماز مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن مون سلام ورايو تہ اهو غائب ٿي ويو. ٻئي ڏينهن مان وري انهيءَ مسجد ۾ داخل ٿيس تہ مونکي هڪ وڏين وڏين اکين وارو ماڻهو نظر آيو، مون ان کي ڏسي اندازو ڪري ورتو تہ هي شخص انسان ناهي بلڪ جن آهي. اهو جن مونکي چوڻ لڳو: مان توکي تنگ ڪرڻ وارو اهو ئي جن آهيان. مان نانگ جي صورت ۾ ڪيترن ئي ولين کي آزمايو آهي، پر اوهان جيان ٻئي ڪنهن کي بہ ثابت قدم نہ ڏٺو. پوءِ جن پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي دست مبارڪ تي تائب ٿيو.( بَهجة الاسرار،ص،۱۶۹)
الله پاڪ اسان کي حقيقي معنا ۾ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو غلام ۽ انهن جي سيرت تي هلڻ وارو بناءِ.
پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ربيع الآخر جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، حضرت شاه ڪليمُ الله جهان آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو هن مهيني (يعني رَبِيعُ الْآخِر) جي ڇهين، ٻارهين، ويهين ۽ ڇهويهين تاريخ جو روزو رکي تہ ان کي بيحد ثواب ملندو- (مرقع ڪليمي،ص۱۹۸) تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هن مهيني ۾ ثواب جا خزانا حاصل ڪرڻ جي لاءِ نفل روزن جي ڪثرت ڪريون- ياد رهي! رَبِيعُ الْآخِر جا روزا نہ فرض آهن نہ ئي واجب، بلڪ نفل روزا آهن-
اَلْحَمْدُ لِلّٰه! فرض روزن کان عِلاوه نَفل روزا رکڻ جا بيشُمار ديني ۽ دُنيوي فائدا آهن ۽ ثواب تہ ايترو آهي جو جِي چاهي ٿو تہ بس روزا ئي رکندا رهون،

## نفل روزن جون برڪتون

**روزن جي بَرَڪت سان** الله ڪريم راضي ٿيندو آهي، **روزن جي بَرَڪت سان** ايمان جي حفاظت ٿيندي آهي، **روزن جي بَرَڪت سان** دوزخ ڪان نَجات نصيب ٿيندي آهي، **روزن جي بَرَڪت سان** جنَّت ۾ داخلو نصيب ٿيندو آهي، **روزن جي بَرَڪت سان** معدي جون تڪليفون ۽ ان جون بيماريون نيڪ ٿي ويندیون آهن ۽ نظامِ هضم بهتر ٿي ويندو آهي، **روزن جي بَرَڪت سان** شوگر ليول (Sugar Level)، ڪوليسٽرول ۽ بلڊ پريشر ۾ اعتدال رهندو آهي ۽ ان جي ڪري دل جو دورو پوڻ جو خطرو ناهي رهندو، **روزن جي بَرَڪت سان** رتِ جي مقدار ۾ ڪمي ٿي ويندي آهي ۽ ان جي ڪري دل کي انتهائي فائدي مند آرام پهچندو آهي، **روزن جي بَرَڪت سان** جسماني چڪ، ذهني دٻاءُ، ڊپريشن ۽ نفسياتي بيمارين جو خاتمو ٿيندو آهي، **روزن جي بَرَڪت سان** موٽائپ ۾ ڪمي واقع ٿيندي آهي ۽ اضافي چربي ختم ٿي ويندي آهي ۽ **روزن جي برڪت سان** بي اولاد عورتن کي اولاد ٿيڻ جا امڪان ڪيئي ڀيرا وڌي ويندا آهن- اچو! ترغيب جي لاءِ روزن جي فضيلتن تي مشتمل3 فرمانِ مصطفيٰ ٻڌو ۽ دعوتِ اسلامي سان گڏ نفل روزن جي تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃو، جيئن

## نفلي روزن جون فضيلتون

(1) ارشاد فرمايائون: جنهن هڪ نفلي روزو رکيو، الله پاڪ ان جي لاءِ جنت ۾ هڪ وڻ لڳائيندو جنهن جو ميوو ڏاڙهونءَ ڪان ننڍو ۽ صوف ڪان وڏو هوندو- اهو (ميڻ ڪان الڳ نہ ڪيل) ماکيءَ جهڙو مٺو ۽ (ميڻ ڪان الڳ ڪيل خالص ماکيءَ وانگر) خوش ذائقہ هوندو- الله پاڪ قيامت جي ڏينهن روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو- (طبراني ڪبير ج١٨ص٣٦٦حديث٩٣٥)

(2) ارشاد فرمايائون: روزيدار جو هر وار ان جي لاءِ تسبيح ڪندو آهي، قيامت جي ڏينهن عرش جي هيٺان روزيدارن جي لاءِ موتين ۽ جواهر سان جڙيل سون جو اهڙو دستر خوان وڇايو ويندو جيڪو دنيا جي احاطي جي برابر هوندو، ان تي طرحين طرحين جا جنّتي کاڌا، مشروب ۽ ميوا هوندا اهي کائيندا پيئندا ۽ عيش و عشرت ۾ هوندا جڏهن تہ ماڻهو سخت حساب ۾ هوندا- (فردوس الاخبار، ۴۹۰/۵، حديث:۸۸۵۳)

(3) ارشاد فرمايائون: قيامت جي ڏينهن روزيدار قبرن مان نڪرندا تہ اهي روزي جي بوءِ کان سڃاتا ويندا انهن جي لاءِ دسترخوان ۽ پاڻي جا ڪوزا رکيا ويندا جن تي مُشڪ سان مهر هوندي انهن کي چيو ويندو کائو ڪالهہ توهان بُکايل هئا، پيئو ڪالهہ توهان اُڃايل هئا، آرام ڪريو ڪالهہ توهان ٿڪيل هئا پوءِ اهي کائيندا ۽ آرام ڪندا جڏهن تہ ماڻهو حساب جي تڪليف ۾ اڄ ۾ مبتلا هوندا- (كنزالعمال،٣١٣/٨،حديث:٢٣٦٣٩ )

روزه داروں کے واسطے واللہ
مغفرت کی نوید ہوتی ہے

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص٧٠٧)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الآخر جي برڪتن کي ماڻڻ جي لاءِ جهڙي طرح نفل روزا رکڻ سعادت جو سبب آهي اهڙي طرح نفلي نمازن جي ذريعي بہ اسان هن مهيني جي برڪتن کي آساني سان ماڻي سگهون ٿا- اسان کي گهرجي تہ هن مهيني ۾ بہ اسان خوب خوب نفل ادا ڪريون، اشراق و چاشت پڙهون، انهن جا فضائل بہ وڏا عاليشان آهن، اچو انهن جي فضائل تي مشتمل 3 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا:

(1) ارشاد فرمايائون"جيڪو فجر جي نماز جماعت سان پڙهي ڪري ذڪرِ خدا ڪندو رهي، ايسيتائين جو آفتاب بلند ٿي وڃي، پوءِ بہ رڪعتون پڙهي تہ ان کي حج ۽ عمري جو ثواب ملندو." (ترمذی،ابواب السفر،باب ما ذكر مما يستحب من الجلوس... الخ، ١٠٠/٢، حديث ٥٨٦)

(2) ارشاد فرمايائون:"جنهن چاشت جون 12 رڪعتون پڙهيون، الله پاڪ ان لاءِ جنت ۾ سون جا محل ٺاهيندو. (ترمذی، ابواب الوتر، باب ماجاء في صلاة الضحٰی،١٧/٢، حديث: ٤٧٢)

(3) ارشاد فرمايائون: "جيڪو شخص فجر ڪانپوءِ چاشت جون بہ رڪعتون ادا ڪرڻ تائين پنهنجي جڳهہ ويٺو رهي ۽ ڀلائي کان علاوه ڪا ڳالهہ نہ چئي، ان جون خطائون معاف ڪيون وينديون، توڙي جو سمنڊ جي جهڳ کان وڌيڪ هجن." (مسند احمد ، مسند المكيين ، ٢٦٠/٥، حديث ١٥٦٢٣)

انهيءَ طرح هن مبارڪ مهيني ۾ اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اسان اوّابين جا نفل پڙهون. هن ۾ جيڪڏهن سُستي آهي تہ ثوابِ آخرت کي پيش نظر رکندي سُستي کي چُستي ۾ بدلڻ جي ڪوشش ڪريون.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ : **جيڪو مغرب کانپوءِ 6 رڪعتون پڙهي، جن جي درميان ڪا بري ڳالهہ نہ ڪري تہ اها 12 سالن جي عبادت جي برابر هوندي.**

(مشكاة، كتاب الصلوٰة، باب السنن وفضائلها، ١/ ٢٣٢، حديث:١١٧٣)

زهي قسمت تہ هن مهيني جون برڪتون ميڙڻ لاءِ اسان تهجد پڙهڻ وارا بہ بڻجي وڃون. اچو تهجد جي فضليت تي 2 فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا:

ارشاد فرمايائون: فرض نماز کانپوءِ سڀ کان افضل نماز رات جو پڙهي ويندڙ نماز آهي. ـ (مسلم ،كتا ب الصيام ، با ب فضل صوم المحرم ،١/ ٥٩١، حديث:١١٦٣)

ارشاد فرمايائون: بيشڪ جنت ۾ ڪجهہ اهڙا محل آهن جن مان آرپار نظر اچي ٿو، اللّٰه پاڪ اهي محل انهن ماڻهن لاءِ تيار ڪيا آهن جيڪي محتاجن کي کاڌو کارائن ٿا، سلام کي عام ڪن ٿا ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سُتل هجن تہ نماز پڙهندا آهن. ( ابن حبا ن، كتا ب البر والاحسان ،باب افشا ء السلام واطعام الطعام ، ١/ ٣٦٣، حديث: ٥٠٩)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اللّٰه ڪريم جي رضا ماڻڻ جي لاءِ نفل ادا ڪرڻ تمام وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي، ربّ ڪريم جو قرب حاصل ڪرڻ جي لاءِ فرض ۽ واجبات سان گڏوگڏ نفلن جي بہ ذوق وشوق سان ادائيگي ڪرڻ هر ڏينهن ۽ هر مهيني ۾ پسنديده آهي- اسان جي پياري آقا مديني واري داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نفل ادا ڪرڻ جي بہ ترغيب ڏياري آهي ۽ ان تي اجر ۽ ثواب جي خوشخبري بہ ارشاد فرمائي آهي، جيئن

## فرضن کي نفلن سان پورو ڪريو

نبي ڪريم، محبوبِ ربّ عظيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: سڀ کان پهريان قيامت جي ڏينهن ٻانهي کان ان جي نماز جو حساب ورتو ويندو،

جيڪڏهن اها ڪامل آهي تہ ڪامل لکي ويندي، ۽ جيڪڏهن مڪمل نہ ٿي تہ الله پاڪ ملائڪن کي فرمائيندو: ڇا منهنجي ٻانهي وٽ ڪجھ نفل آهن؟ جيڪڏهن ان وٽ نفل آهن تہ الله ڪريم فرمائيندو: ان جي فرضن کي نفلن جي ذريعي پورو ڪري ڇڏيو- پوءِ اهڙي طرح زڪوٰة ۽ ٻين عملن جو حساب ورتو ويندو- (ابوداود،ڪتاب الصلاة،باب قول النبي ڪل صلاة۔۔۔الخ،۳۲۹/۱،حديث: ۸۶۴، ۸۶۶)

حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديثِ پاڪ جي هن حصي "فرضن کي نفلن جي ذريعي پورو ڪري ڇڏيو" جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هتي ڪمي مان ادا ۾ ڪمي مراد ناهي بلڪ ادا جي طريقي ۾ ڪمي مراد آهي يعني جيڪڏهن ڪنهن فرض ناقص طريقي سان ادا ڪيا هوندا تہ اها ڪمي نفلن سان پوري ڪئي ويندي- اهو مطلب ناهي تہ اهو ٻانهو فرض نماز نہ پڙهي نفل پڙهندو رهي ۽ اتي نفل فرض بڻجي ويندا- (مرآة المناجيح،۳۰۷/۲)

## مَدَني مُذاڪرن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وَينداسين تہ نفل ادا ڪرڻ، نفل روزا رکڻ، علمِ دين سکڻ ۽ پاڻ کي هميشه عبادت ۾ مصروف رکڻ اسان لاءِ آسان ٿي ويندو. هينئر اسان رَبيعُ الْآخِر جي مهيني جي مناسبت سان ڪجھ نفلن جي باري ۾ ٻڌو، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! هن جي پهرين 11 ڏينهن ۾ نمازِ عشاء کانپوءِ مدني چينل تي اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو مقبول عام سلسلو مدني مذاڪرو براهِ راست نشر ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ اميراهلسنت حضرت علامہ و مولانا الياس عطار قادري سوالن جي جوابن جي ذريعي زندگي جي هر شعبي جي معتلق رهنمائي فرمائيندا آهن. تمام عاشقانِ رسول پاڻ بہ اهو مدني مذاڪرو ڏسڻ ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيارڻ جي نيت ڪيو.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتہ وار مدني مذاڪرو"

ياد رهي! ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتہ وار مدني مذاڪرو" بہ آهي جيڪو هر ڇنڇر تي مدني چينل تي براهِ راست نشر ڪيو ويندو آهي. ❖هن مدني ڪم جا بيشمار ديني ۽ دنياوي فائده آهن. ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذهن ملندو آهي. ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان علمِ دين حاصل ٿيندو آهي. ❖ مدني مذاڪري جي

برڪت سان دِيني معلومات سان گڏوگڏ اخلاقي تربيت بہ نصيب ٿيندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ڪثير اسلامي ڀائر مدني مذاڪري جي برڪت سان پنهنجي گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري چڪا آهن. اچو! نيت ڪريون ٿا تہ اسان بہ هر هفتي "مدني مذاڪرو" ڏسڻ ڪي يقيني بڻائينداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مدني مذاڪرو ڏسڻ جي دعوت ڏيندا رهنداسين اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ . هفتہ وار مدني مذاڪري کان علاوه مختلف موقعن تي بہ مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو آهي، مثال طور محرم الحرام جا 10 مدني مذاڪرا، ماه ربيع الاول جا12 ٻارنهن مدني مذاڪرا، ماه ربيع الآخر جا 11 مدني مذاڪرا، ماهِ رمضان ۾ روزانو بہ مدني مذاڪرا، ذالحج جا 10 مدني مذاڪرا وغيره.

## مدني مذاڪري جي برڪت

حيدرآباد(سنڌ) جي علائقي قليلي جو هڪ اسلامي ڀاءُ روزانو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت ماڻڻ لڳو. مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي برڪت سان ڏينهن و ڏينهن گناهن کان نفرت ۽ نيڪين سان محبت وڌڻ لڳي. مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي برڪت سان ڪردار ۽ اندازِ زندگي ۾ تبديلي اچڻ لڳي. مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي برڪت سان سنتن تي عمل جو جذبو مليو. مدني مذاڪري جي برڪت سان مدني ڪمن ۾ دلچسپي نصيب ٿئي.

اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دیگا دَوا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پلا کر مئے عشق دیگا بَنا یہ تمہیں عاشِقِ مُصْطَفٰے مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۶۴۸)

## مجلسِ مدني مذاڪري جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ خدمتِ دين جي 107 شعبن ۾ سُنّتن جون ڌومون مچائي رهي آهي، جن مان هڪ شعبو "مجلس مَدَني مذاڪره" بہ آهي- اَلْحَمْدُ لِلّٰه! شَيخ طريقت، اميرِاهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد

الياس عطار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **علم بيشُمار خزانن جو مجموعو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سُوال آهي-** جي قول کي عملي جامو پارائيندي مدني مذاڪري جوسِلسلو شُروع ڪيو، جنهن کي دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ **"مَدَني مُذاڪره"** چيو ويندو آهي- عاشقانِ رسول مَدَني مُذاڪرن ۾ عقائد و اَعمال، فضائِل و مَنَاقِب، شريعت ۽ طريقَت، تاريخ ۽ سيرت، سائنس ۽ طِبّ، اَخلاقيات ۽ اِسلامي معلومات، معاشي، سماجي، تنظيمي معاملن ۽ بين ڪافي موضوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سوال ڪندا آهن ۽ شيخِ طريقت، اَميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن کي حڪمت ڀرين ۽ عشقِ رسول سان لبريز جوابن سان نوازيندا آهن-

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! **"مجلس مَدَني مذاڪره" جي تحت اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي انهن عطا ڪيل دِلچسپ ۽ عِلم ۽ حڪمت سان ڀرپور مَدَني گلن جي خُوشبوئن سان سڄي دُنيا جي مُسلمانن کي مهڪائڻ جي لاءِ انهن مَدَني مُذاڪرن کي تحريري رِسالن، ۽ ميموري ڪارڊز (MemoryCards) جي صُورت ۾ پيش ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن-

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں    اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں    نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

## خوشبو جون سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! خوشبو جي سنتن ۽ آداب جي باري ۾ ڪجھ نُڪتا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا- ڀهريان هڪ فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى

1...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ملاحظ ڪريو:** چار شيون نبين جي سُنّت ۾ داخل آهن: نڪاح، مسواڪ، حيا ۽ خوشبو لڳائڻ- (مشكاةالمصابيح، كتاب الطهارة، باب السواك،١/٨٨، حديث:٣٨٢) ❖ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خوشبو جو تحفو رد نہ ڪندا هئا- (سنتيں اور آداب ص٨٥) ❖ نماز جمعہ جي لاءِ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي- (بهار شريعت ١/٧٧٤،حصه ۴ملخصاً) ❖ نَماز ۾ ربّ سان مُناجات آهي تہ ان جي لاءِ زينت ڪرڻ عطر لڳائڻ مُستَحب آهي- (نيڪي ڪي دعوت، ص٢٠٧) ❖ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ عمده خوشبو استعمال ڪندا هئا ۽ ان جي ٻين ماڻهن کي بہ تلقين ڪندا هئا- (سنتيں اور آداب ص٨٣) ❖ ناخوشگوار بو يعني بدبو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناپسند ڪندا هئا- (سنتيں اور آداب ص٨٣) ❖ مَردن کي پنهنجي لباس تي اهڙي خوشبو استعمال ڪرڻ گهرجي جنهن جي خوشبو ڦهلجي پر رنگ جا چٽا وغيره نظر نہ اچن- (سنتيں اور آداب ص٨٥) ❖ عورتن جي لاءِ مهڪ جي منع هن صورت ۾ آهي جڏهن تہ اها خوشبو اجنبي مردن تائين پهچي، جيڪڏهن اهي گهر ۾ عطر لڳائن جنهن جي خوشبو خاوند يا اولاد، ماءُ پيءُ تائين ئي پهچي تہ حرج ناهي- (سنتيں اور آداب ص٨٥) ❖ اسلامي ڀينرن کي اهڙي خوشبو نہ لڳائڻ گهرجي جنهن جي خوشبو اُڏامي غير مردن تائين پهچي وڃي. (سنتيں اور آداب ص٨٦) ❖ فرمايائون: عورت جڏهن خوشبو لڳائي ڪنهن مجلس وٽان گذرندي آهي تہ اها اهڙي ۽ اهڙي آهي يعني بدڪاره آهي- (جامع الترمذي ،كتاب الادب ،باب ما جآء في كراهية خروج المرأةمتعطرة،۴ /٣٦١، حديث: ٢٧٩٥)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: ”چا ڳالھ ڪجي غوثِ اعظم جي“- هن بيان ۾ اِنْ شَآءَاللّٰه ان هستي جو ذِڪرِ خَير، فضائل ۽ ڪرامات، اوصاف ۽ مختصر تعارف (Introduction) ٻڌنداسين، جن کي دُنيا ”غَوْثِ اَعْظَم“ جي لقب سان سڃاڻي ٿي-

لھٰذا! آئنده جمعرات ٻہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. [1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[4]

## (6) دُرُود شَفَاعت

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2 ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

3 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

4 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]… الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2… مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305